SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1980

سنڌ يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH UNIVERSITY LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم
Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽس III، IV ۽ V جي ترميم
Amendment of Sindh Acts III, IV and V of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 1980
SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1980
سنڌ يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1980
THE SINDH UNIVERSITY LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[22 ڊسمبر 1980]

آرڊيننس جنهن ذريعي يونيورسٽي قانون ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته يونيورسٽي قانون ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم
Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾:

(i) دفعہ 2 ۾، شق (nn) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (1) جي ذيلي شق (a) ۽ (b) ۾، ڪاما ۽ لفظ "پرو وائيس چانسيلر" ختم ڪيا ويندا؛

(iii) دفعات 3، 9، 16 ۽ 18 ۾، لفظ "آڊيٽر" لاءِ لفظ "ريزيڊنٽ آڊيٽر" متبادل ٿيندا؛

(iv) دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ بيچلرز ڊگري جي سطح تي سموريون فيڪلٽيز ۾ هڪ ڊسيپلين هوندو جنهن کي اسلامڪ ۽ پاڪستان اسٽڊيز ڊسيپلين سڏيو ويندو، جيڪو مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هوندو ۽ غير مسلمان شاگردن کي اهڙي ڊسيپلين جي سلسلي ۾ ايٽڪس ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو آپشن آڇيو ويندو."؛

(v) دفعہ 9 ۾، شق (iii_a) کي ختم ڪيو ويندو؛

(vi) دفعہ 14_A کي ختم ڪيو ويندو؛

(vii) دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (iii_a) کي ختم ڪيو ويندو؛

(viii) دفعہ 22 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) سنڊيڪيٽ مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو؛

(ii) صوبائي اسيمبلي جو هڪ ميمبر، جيڪڏهن ڪو هجي، اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iii) يونيورسٽي يا الحاق ٿيل ڪاليجن جي ملازمن کانسواءِ سينيٽ جا ٻہ ميمبر سينيٽ طرفان چونڊيا ويندا؛

(iv) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛

(v) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛

(vi)يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل؛

(vii)هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي نامزد ڪيو ويندو؛

(viii) هڪ پروفيسر ۽ هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ هڪ اسسٽنٽ پروفيسر يا يونيورسٽي جو ليڪچرر چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي نامزد ڪيو ويندو؛

(ix) ٽي نامياريا ماڻهو چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(x) الحاق ٿيل ڪاليج جو هڪ پرنسپال چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(xi) يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جو صدر؛ ۽

(xii) الحاق ٿيل ڪاليجن جي شاگرد يونين جو هڪ نمائندو سمورن الحاق ٿيل ڪاليجن جي شاگرد يونينس طرفان چونڊيو ويندو."؛

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "ٽي" لاءِ لفظ "ٻہ" متبادل ٿيندو؛

(ix) دفعہ 36_A جي ذيلي دفعہ (3) ۾ شق (iii) کي ختم ڪيو ويندو؛

(x)دفعہ 38 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2). ڪو بہ خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو ويندو جيستائين ادائگي جو بل قانونن موجب نہ هجي، صوبائي آڊٽ ڊپارٽمينٽ طرفان مقرر ڪيل ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويو هجي ۽ ادائگي يونيورسٽي جي منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل آهي."

(xi) دفعہ 52 کانپوءِ هيڻين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

(ڪنهن بہ حڪومت يا تنظيم ۾ خدمت سرانجام ڏيندڙ عملدارن، استادن يا ملازمن کي طلب ڪرڻ جو اختيار) "53. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي:

(a)ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ملازم، جيئن چانسيلر هدايت ڪري، وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا لوڪل اٿارٽي، يا ڪارپوريشن يا اهڙي ڪنهن حڪومت طرفان قائم ڪيل بادي يا پاڪستان ۾ ڪنهن يونيورسٽي، يا تحقيقي تنظيم جي هٿ هيٺ عهدي تي اهڙي عرصي لاءِ خدمت سرانجام ڏيندو جيئن طئي ڪيو وڃي؛

(b) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد يونيورسٽي ۾ ڪنهن آسامي تي پاڪستان جي ملازمت ۾ ڪنهن شخص کي مقرر ڪري سگهي ٿو يا عملدار، استاد يا پاڪستان ۾ ڪنهن ٻي يونيورسٽي جي ٻئي ملازم، يا لوڪل اٿارٽي يا ڪارپوريشن يا وفاقي يا صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل بادي جي ملازم کي مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2)جتي ڪا مقرري يا بدلي هن دفعہ تحت ڪئي وئي آهي، مقرر ڪيل يا بدلي ڪيل جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا اهڙي مقرري يا بدلي کان اڳ ان کي ڏنا ويندڙ شرط ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا."؛ ۽

(xii) فرسٽ اسٽيچوٽس ۾:

(a)اسٽيچوٽ 2 ۾، شق (2) لاءِ هيڻين ريت متبادل

ٿيندو:

"(2) هر فيڪلٽي جو ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي فيڪلٽي ۾ موجود پروفيسرن منجهان مقرر ڪيو ويندو."؛ ۽

(b)اسٽيچوٽ 3 ۾، شق (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين يا اداري جو ڊائريڪٽر سنڊيڪيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي مقرر ڪيو ويندو."؛

(c) اسٽيچوٽ 8 جي شق (1) جي ذيلي شق (a) ۽ (b) جي داخلا (i) ۾، لفظن "پرو وائيس چانسيلر" لاءِ لفظ "وائيس چانسيلر" متبادل ٿيندا.

1977 جي سنڌ ايڪٽس III، IV ۽ V جي ترميم

Amendment of Sindh Acts III, IV and V of 1977

3. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۽ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾:

(i) دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ بيچلرز ڊگري جي سطح تي سموريون فيڪلٽيز ۾ هڪ ڊسيپلين هوندو جنهن کي اسلامڪ ۽ پاڪستان اسٽڊيز ڊسيپلين سڏيو ويندو. جيڪو مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هوندو ۽ غير مسلمان شاگردن کي اهڙي ڊسيپلين جي سلسلي ۾ ايٽڪس ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو آپشن آڇيو ويندو."؛

(ii)دفعہ 15 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) لاءِ هينئين ريت متبادل ٿيندو:

"(1)سنڊيڪيٽ مشتمل هوندي:

(i)وائيس چانسيلر، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو؛

(ii) صوبائي اسيمبلي جو هڪ ميمبر، جيڪڏهن ڪو هجي، اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iii)يونيورسٽي يا الحاق ٿيل ڪاليجن جي ملازمن کانسواءِ سينيٽ جا ٻہ ميمبر سينيٽ طرفان چونڊيا ويندا؛

(iv)سنڊ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛

(v) تعليم کاتي، حڪومت سنڊ جو سيڪريٽري؛

(vi)يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل؛

(vii)هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي نامزد ڪيو ويندو؛

(viii) هڪ پروفيسر ۽ هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ هڪ اسسٽنٽ پروفيسر يا يونيورسٽي جو ليڪچرر چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي نامزد ڪيو ويندو؛

(ix) ٽي نامياريا ماڻهو چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(x) الحاق ٿيل ڪاليج جو هڪ پرنسپال، جيڪڏهن ڪو هجي ۽ جوڙيل ڪاليج جو هڪ پرنسپال جيڪڏهن ڪو هجي، چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(xi) يونيورسٽي استوڊنٽس يونين جو صدر.".

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "تي" لاءِ لفظ "ٻہ" متبادل ٿيندو.

(iii) دفعہ 32 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1)ريزيڊنٽ آڊيٽر، يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ صوبائي آڊٽ ڊپارٽمينٽ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري.";

(iv) دفعہ 34 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ ۽ ڪاما "پاڪستان،" ۽ لفظ "۽" وچ ۾ لفظ "يا هڪ تحقيقي تنظيم" شامل ڪيا ويندا؛

(b)ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد يونيورسٽي ۾ ڪنهن آسامي تي پاڪستان جي ملازمت ۾ ڪنهن شخص کي مقرر ڪري سگهي ٿو يا عملدار، استاد يا پاڪستان ۾ ڪنهن ٻي يونيورسٽي جي ٻئي ملازم، يا لوڪل اٿارٽي يا ڪارپوريشن يا وفاقي يا صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل بادي جي ملازم کي مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ ان جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا يونيورسٽي ۾ مقرري کان اڳ ملندڙ شرطن ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.";

(v)دفعہ 39 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2). ڪو بہ خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو

ويندو جيستائين ادائگي جو بل قانونن موجب نہ هجي، صوبائي آڊٽ ڊپارٽمينٽ طرفان مقرر ڪيل ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويو هجي ۽ ادائگي يونيورسٽي جي منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل آهي.".

(vi) اين اي ڊي انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي، مهران انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي ۽ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي جي فرسٽ استيچوٽ ۾:

(a)استيچوٽ 3 ۾ شق (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين يا اداري جو ڊائريڪٽر سنڊيڪيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي مقرر ڪيو ويندو.";

(b)استيچوٽ 6 ۾ شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) هر فيڪلٽي جو ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي يونيورسٽي ۾ موجود پروفيسرن منجهان مقرر ڪيو ويندو.".

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.